# لُڙڪن جي برسات

## امام اعظم ابو حنيفه رحمة الله عليه جي سيرت جا ڪجهه احوال

سنڌي ترجمو




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

مدني چينل ڏسندا رهو

مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه
جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# لُڙڪن جي برسات

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي . جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
﴿ فون نمبر: 021-34921389-90-91 ﴾
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

# لُڙڪن جي برسات

**شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهو** ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ **ايمان کي تازگي ملندي.**

## دُرود پاڪ جي فضيلت

**اَمير المُؤمِنِين حضرت عَليُّ المُرتضيٰ شير خدا** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم **فرمائن ٿا: جڏهن مسجد جي ويجهو کان گذرو تہ رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي دُرود پاڪ پڙهو .**

(فضل الصلاة علي النبي للقاضي الجهضمي ص70 رقم 80)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پُر رونق بازار ۾ ريشم جي ڪپڙي جي دڪان تي، دڪان جو خادم دعا ۾ مشغول هيو ۽ الله** عَزَّوَجَلَّ **کان جنت جو سوال ڪري رهيو هيو، اهو ٻڌي دڪان جي مالڪ تي رِقّت طاري ٿي وئي ۽ اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿي ويا ايستائين جو ڪنن جون پاپڙيون ۽ ڪُلها ڏڪڻ لڳا. دڪان جي مالڪ فوراً دڪان بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پنهنجي مٿي تي ڪپڙو ٻڌي جلدي ۾ اُٿيا**

**هي بيان امير اهلسنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾** (3 شعبان المعظم 1431 هـ 10 / 7 / 15) **فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي.**
**مجلس مڪتبة المدينہ**

۽ چوڻ لڳا افسوس! اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ ايترا بهادر ٿي ويا آهيون، جو اسان ۾ هڪ شخص صرف پنهنجي دل جي مرضي سبب الله عَزَّوَجَلَّ کان جنت گهري پيو. (اهو وڏو سوال آهي) اسان جهڙن کي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان (پنهنجي گناهن جي) معافي طلب ڪرڻ گهرجي، اهو دڪان جو مالڪ تمام گهڻو خوفِ خدا رکندڙ هو، رات جو جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا، ته سندن جي اکين مان ايترا ته لُڙڪ نڪرندا هئا جو تڏي تي لُڙڪ ڪِرڻ جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ ايندو هو، ۽ ايترو روئيندا هئا جو پاڙي وارن کي رحم اچي ويندو هو.

(ملخصاًالخيرات الحسان للهيتمي ص 50،54 دارالكتب العلمية بيروت)

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان کي خبر آهي اهي بُزرگ ڪير هئا؟ دڪان جا مالڪ ڪروڙين حَنفِيَن جا امام، سِراجُ الأُمّہ ڪاشِفُ الغُمّہ امامِ اعظم، فَقِيہِ اَفخَم حضرت سيِّدُنا **امام ابو حنيفہ نعمان بن ثابت** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هئا.

نہ کیوں کریں ناز اہلسنّت، کہ تم سے چمکا نصیبِ اُمّت
سراجِ اُمّت ملا جو تم سا ' امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چار ئي امام برحق آهن

سيِّدُنا امام اعظم ابو حنيفہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو نُعمان، پيءُ جو نالو ثابت، ۽ ڪُنيت ابوحنيفہ آهي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ 70 هجري ۾ عراق جي مشهور شهر ڪُوفي ۾ پيدا ٿيا، ۽ 80 سالن جي عمر

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو اللہ تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

۾ 2 شَعبانُ المُعَظّم 150 هجري ۾ وصال فرمايائون. (نزهة القاري ج 1 ص169، 219) ۽ اڄ بہ سندن رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو مَزار فائضُ الاَنوَار مَرجَعُ الخَلائق آهي، ائِمَہ اَربَعہ يعني چار ئي امام (امام ابوحنيفہ ، امام شافعي، امام مالڪ، ۽ امام احمد بن حنبل رضی اللہ تعالیٰ عنہم) برحق آهن ۽ انهن جا خوش عقيدا مُقَلِّد (يعني پيروي ڪندڙ) پاڻ ۾ پيار آهن، انهن جو پاڻ ۾ ڪو تَعَصُّب ناهي، سيِّدُنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ چارن امامن ۾ وڏي مرتبي وارا آهن، ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ صرف پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ تابعي آهن. "تابعي" ان کي چوندا آهن: "جنهن ايمان جي حالت ۾ ڪنهن صحابي رضی اللہ تعالیٰ عنہ سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان تي خاتمو ٿيو هجي." (الخيرات الحسان ص 33) امام اعظم عليه رحمۃ اللہ الاکرم مختلف روايتن جي مطابق ڪجهہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيو آهي، ۽ ڪجهہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ڪان سَروَرِ ڪائنات صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جا ارشادات پڻ ٻُڌا، جيئن حضرت سيِّدُنا واثلہ بن اَسقَع رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪان ٻڌي امام اعظم عليه رحمۃ اللہ الاکرم هي روايت بيان فرمائي تہ اللہ عزوجل جي حبيب، حبيبِ لَبِيب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جو فرمان عِبرت نشان آهي: پنهنجي ڀاءُ جي شُمَاتَتَ نہ ڪر (يعني ان جي مصيبت تي خوشي جو اظهار نہ ڪيو) جو اللہ عزوجل ان تي رحم فرمائيندو ۽ تو کي ان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو.

(سنن ترمذي ج 4 حديث 2514)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنھن مون تي ڏينھن ۾ پنجاھ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن مان ان سان مصافحو ڪندس.

ہے نام نُعمان ابنِ ثابِت 'ابو حنیفہ ہے ان کی کُنیَت
پکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم 'امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حنفين جي لاءِ مغفرت جي بشارت

سيِّدُنا امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم پنھنجي زندگي ۾ پنجونجاھ 55 حَجّ ڪيا، جڏھن آخري دفعي حجّ جي سعادت حاصل ڪئي تہ ڪعبي پاڪ جي خادمن سندن رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي لاءِ بابُ الڪعبہ ڪولي ڇڏيو، پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ وڏي عاجزي سان اندر داخل ٿيا ۽ بيتُ الله جي ٻنھي ٿنڀن جي وچ ۾ بيھي ٻن رڪعتن ۾ پورو قران پاڪ ختم ڪيو، پوءِ دير تائين روئي روئي دعا ڪندا رھيا، پاڻ دعا ۾ مشغول ھئا تہ بيت الله جي ھڪ پاسي کان آوازآيو: تو سٺي طرح اسان جي مَعرِفت (يعني سڃاڻپ) حاصل ڪئي ۽ خُلوص سان خدمت ڪئي، اسان تو کي بہ بخشيو ۽ قيامت تائين جيڪو تنھنجي مذھب تي ھوندو (يعني اوھان جي تقليد ڪندو) ان کي بہ بخشي ڇڏيو. (درمختار ج 1 ص 126، 127) اَلحَمْدُلِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ اسان ڪيترا تہ خوش نصيب آھيون جو حضرت سيِّدُنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جا پيروڪار آھيون .

مَروں شہا! زیرِ سبز گنبد 'ہو میرا مدفن بقیعِ غَرقَد
کرم ہو بَہرِ رسولِ اکرم 'امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

# شاهہِ اَنام جي روضي مان سلام جو جواب

اسان جي امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم تي شهنشاهہِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو بيحد لُطف و ڪرم هو، مديني پاڪ (زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا) ۾ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ تي هن طرح سلام عرض ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا سَیِّدَ الْمُرْسَلِیْن تہ روضي مبارڪ مان جواب آيو: وَعَلَیْکَ السَّلَامُ یَا اِمَامَ الْمُسْلِمِیْن .

(تذڪرۃالاولياء ص186 انتشارات گنجينہ ايران)

تمہارے دربار کا گدا ہوں، میں سائلِ عشقِ مصطفٰے ہوں
کرو کرم بہرِ غوثِ اعظم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# تاجدارِ رسالت جي بِشارت

سيِّدُنا امام اعظم ابو حنيفہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ فارغ ٿيا تہ گوشہ نشيني جي نيّت فرمائي، هڪ رات جنابِ رسالت مآب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ٿي، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اي ابوحنيفہ! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان کي منهنجي سنت زنده ڪرڻ لاءِ پيدا فرمايو آهي، توهان گوشہ نشيني جو هرگز ارادو نہ ڪيو “.

(تذڪرۃالاولياء ص186)

عطا ہو خوفِ خدا خدارا، دو الفتِ مصطفٰے خدارا
کروں عمل سنّتوں پہ ہردم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

# ڏينهن رات جا معمولات

جنابِ رسالت مآب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي سيِّدُنا امام اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم جو حوصلو وڌايو ۽ سنتن جي خدمت جو حڪم ڏنو، جنهن سبب امامِ اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم جو سنتن جي خدمت ۾ مصروفِيّت ۽ عبادت جو ذوق ملاحظہ فرمايو، حضرت مِسعَر بن ڪِدام رحمۃُ اللہِ السّلام فرمائن ٿا: ”آءُ امام اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم جي مسجد ۾ حاضر ٿيس، مون ڏٺو نماز فجر ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رضی اللہُ تعالٰی عنہُ سڄو ڏينهن علمِ دين پڙهائيندا رهيا، انهي وچ ۾ رڳو نمازن جي لاءِ وقفو ٿيندو هو، نمازِ عشاء کان پوءِ پنهنجي گهر تشريف وٺي ويا، ڪجهہ دير کانپوءِ سادو لباس پائي، خوب عِطر لڳائي، فضا مهڪائي پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي مسجد جي ڪنڊ ۾ نفلن ۾ مشغول ٿي ويا، ايستائين جو صبح صادق ٿي وئي، هاڻي گهر تشريف وٺي ويا ۽ لباس تبديل ڪري واپس موٽيا ۽ فجر نماز ادا ڪري گذريل ڏينهن وانگر عشاء تائين درس و تدريس جو سلسلو جاري رهيو، مون سوچيو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہُ گهڻا ٿڪجي پيا هوندا، اڄ رات ضرور آرام فرمائيندا، پر ٻي رات ساڳيو معمول رهيو پوءِ ٽين رات بہ اهڙي نموني گذاري، مان بيحد متاثر ٿيس ۽ مون فيصلو ڪيو تہ سموري زندگي سندن رضی اللہ تعالٰی عنہُ جي خدمت ڪندس انهي ڪري مون سندن جي مسجد ۾ مستقل قيام فرمايو. مون پنهنجي رهڻ جي مُدّت ۾ امام اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم کي ڏينهن ۾

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ڪڏهن بنا روزي جي ۽ رات جو عبادت ۽ نفل کان غافل نہ ڏٺو، البت ظهر کان پهرين پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪجهہ دير آرام فرمائيندا هئا. (المَناقِب للمُوَفّق ج1 ص 230 تا 231) حضرت سيِّدُنا اِبن اَبي مُعاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي روايت آهي مِسعَر بن ڪِدام رحمۃُ اللہِ السّلام ڏاڍا خوشنصيب هئا جو انهن جي وفات امام اعظم عليہ رحمۃُ اللہِ الاکرم جي مسجد ۾ سجدي جي حالت ۾ ٿي. (ايضا ص231)

**الله** ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجَاهِ النّبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جو بے مثال آپ کا ہے تقویٰ، تو بے مثال آپ کا ہے فتویٰ
ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيهہ سال لاڳيتا روزا

”اَلخَيراتُ الحِسان“ ۾ آهي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن لاڳيتو ٽيهہ سال روزا رکيا، ٽيهہ سالن تائين هڪ رڪعت ۾ قران پاڪ جو ختم ڪندا رهيا، چاليهہ (بلڪ 45) سالن تائين عشاءَ جي وضوءَ سان فجر جي نماز ادا ڪئي، جنهن جاءِ تي سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وفات ٿي ان جاءِ تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ست هزار قرآن شريف ختم ڪيا هئا، حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سامهون ڪنهن امام اعظم عليہ رحمۃُ اللہِ الاکرم تي اعتراض ڪيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: ”ڇا توهان اهڙي شخص تي اعتراض ڪيو ٿا جنهن 45 سالن تائين پنج ئي نمازون هڪ ئي وضو سان ادا ڪيون

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مونِ تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

هجن، اهي هڪ رڪعت ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا ۽ مون وٽ جيڪا به فِقہ آهي اها مون سندن ڪان سکي آهي، شروع ۾ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ سڄي رات عبادت نه ڪندا هئا، هڪ دفعي ڪنهن کي چوندي ٻڌو ته ”ابو حنيفه رضی اللہ تعالیٰ عنہ سڄي رات ننڊ نه ڪندا“ ته ان جي حُسنِ ظَن جي لَڄ رکندي پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ سڄي رات عبادت ڪرڻ شروع ڪئي. (الخيرات الحسان ص 50)

تری سخاوت کی دھوم مچی ہے، مُراد منہ مانگی مل رہی ہے
عطا ہو مجھ کو مدینے کا غم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان المبارڪ ۾ قران جا 62 ختم

امام ابو يوسف رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم رمضانُ المبارڪ ۾ ۽ مع عيدالفِطر 62 قران پاڪ جا ختم پڙهندا هئا. (ڏينهن جو هڪ، رات جو هڪ، تراويح ۾ سڄي مهيني هڪ، ۽ عيد جي ڏينهن هڪ) ۽ مال ۾ سخاوت ڪرڻ وارا هئا، علم سيکارڻ ۾ صابِر (يعني صبر ڪرڻ وارا) هئا، پاڻ تي ٿيندڙ اعتراض ٻُڌندا هئا، ڪاوڙ بلڪل نه ڪندا هئا. (الخيرات الحسان ص 50)

عطا ہو خوفِ خدا خدارا دو الفتِ مصطفیٰ خدارا
کروں عمل سنّتوں پہ ہر دم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪڏهن مٽي اُگهاڙو نه ڏٺا ويا

”تَذڪِرةُ الاولياء“ ۾ آهي سيِّدُنا داؤد طائي رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

آءُ امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي خدمت ۾ ويهہ سال حاضر رهيس، خَلوَت هجي يا جَلوَت (يعني ماڻهن ۾ هجن يا اڪيلا) ڪڏهن بہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي مٿي اگهاڙو نہ ڏٺو، نہ ڪڏهن پير ڊگها ڪيا. هڪ ڀيري عرض ڪيو: حضور! اڪيلائي ۾ پير ڊگها ڪري وٺندا ڪيو، فرمايائون: مَجمعي ۾ ماڻهن جو احترام ڪيان ۽ اڪيلائي ۾ الله عزوجل جو احترام نہ ڪيان اهو مون کان نٿو ٿي سگهي. (تذڪرةالاولياء ص 188)

## اُستاد جي گهر ڏانهن پير نہ ڪيا

"اَلخَيراتُ الحِسان" ۾ آهي پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ سڄي زندگي پنهنجي محترم استاد سيِّدُنا امام حَمَّاد علیہ رحمۃ اللہ الجواد جي گهر ڏانهن پير ڪري نہ ليٽيا، جڏهن تہ سندس جي ۽ استاد محترم جي گهر جي وچ ۾ تقريباً ست گِهٽين جو مفاصلو هو. (الخيرات الحسان ص 82)

## استاد جي چانئٺ تي مٿو رکي سمهي رهندا هئا

سُبحٰن الله عزوجل! اسان جا امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم پنهنجي استاد جو گهڻو ادب ڪندا هئا، انهي سبب علمِ دين جي دولت سان مالامال هئا، حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ جو بہ پنهنجي استاد جو احترام مثالي هو، جئين دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ملفوظاتِ اعليٰ حضرت**" صفحي 143 تا 144 تي آهي. منهجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ احمد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن ارشاد فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: ”جڏهن مان علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ حِضرت زيد بن ثابت رضی اللہ تعالٰی عنہ جي گهر ويندو هئس ۽ اهي ٻاهر نہ هوندا هئا تہ ادب سبب انهن (يعني پنهنجي استاد محترم) کي آواز نہ ڏيندو هئس، انهن جي چانئٺ تي مٿو رکي سمهي پوندو هئس، هوا، خاڪ ۽ مٽي اُڏري مون تي پوندي هئي پوءِ جڏهن حضرت زيد رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪاشانۂِ اَقدس مان ٻاهر ايندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اِبنِ عَمِّ رسول الله رضی اللہ تعالٰی عنہ (يعني اي رسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي چاچي جا پٽ) توهان مون کي اطلاع ڇو نہ ڏياريو؟ آءُ عرض ڪندو هئس تہ اوهان کي اطلاع ڪرڻ مون لاءِ صحيح ناهي.“ (مِرأة الجنان لليافعي ج 1 ص 99 بتصرف دارالڪتب العلمية)

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ اهو فرمائڻ ڪان پوءِ وڌيڪ فرمايو اهو ادب آهي جنهن جي تعليم قرآن پاڪ ڏني آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُنَادُوۡنَكَ مِنۡ وَّرَآءِ الۡحُجُرٰتِ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿4﴾ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ صَبَرُوۡا حَتّٰى تَخۡرُجَ اِلَيۡهِمۡ لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿5﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ اهي جيڪي تو کي حجري جي ٻاهران پڪارن ٿا انهن مان اڪثر بي عقل آهن ۽ جيڪڏهن اهي صبر ڪن ها ايتري تائين جو تون پاڻ انهن وٽ تشريف فرما ٿئين تہ اهو انهن لاءِ بهتر هوءِ الله بخشڻهار مهربان آهي (پ 26، الحجرات)

## ڇا مرند استاد جي تعظيم ڪرڻ گهرجي

ديني استاد جي باري ۾ جيڪو ٻڌايو اهو رڳو صحيح

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

العقيده مسلمان غيرِ فاسِق استاد جي لاءِ آهي، جيڪڏهن استاد غير مُسلم يا مُرتَد آهي ته ان جو ڪو احترام ناهي، بلڪ اهڙن جي صحبت ۾ رهڻ پنهنجي ايمان جي لاءِ خطرناڪ آهي. شاگرد تي مُرتَد استاد جي حق جي باري ۾ منهجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي خدمت ۾ سوال ٿيو ته فرمايو: اهڙي استاد جو شاگرد تي اهو ئي حق آهي جيڪو (فرشتن جي اڳوڻي استاد) شيطان لَعِين جو فرشتن تي آهي ته فرشتا ان تي لعنت موڪليندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن استاد کي گهلي دوزخ ۾ اڇلائيندا. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 707)
بهرحال بيان ڪيل "ٻنهي حڪايتن" مان خاص ڪري اهي شاگرد درس حاصل ڪن جيڪي پنهنجي ديني استاد جي احترام ڪرڻ بجاءِ انهن جي توهين ڪندا آهن، پرپُٺ مذاق ڪندا آهن اهڙا شاگرد علم دين جو اصل روح حاصل ڪئين ڪري سگهندا مولاءِ روم فرمائن ٿا:

از خدا جوئیم توفیقِ ادب ۔۔۔ بے ادب محروم ماند از فضلِ رب
بے ادب تنہا نہ خود را داشت بد ۔۔۔ بلکہ آتش در ہمہ آفاق زد

(اسان الله تعاليٰ کان ادب حاصل ڪرڻ جي توفيق گهرون ٿا، ڇو ته بي ادب الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل کان محروم رهندو آهي، بي ادب نه صرف پنهنجو پاڻ کي بري حالتن ۾ رکندو آهي بلڪ ان جي بي ادبي جي باهه پوري دنيا کي وڪوڙي ڇڏيندي آهي)
(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 709)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

# ”اُستاد تہ روحاني پيءُ هوندو آهي“ جي باوجهہ اڄڪلهہ جي نسبت سان استادن جي غيبتن جا 22 مثال

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 515 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**غيبت جون تباهہ ڪاريون**“ صفحي 418 تي آهي، **علمِ دين پڙهائڻ** وارو! استاد انتهائي احترام جي لائق هوندو آهي، پر ڪي نادان شاگرد ۽ طالب پنهنجي استاد جا نالا بگاڙيندا، مَذاق ڪندي نقلون ڪندا، تُهمتون لڳائيندا، بدگمانيون ۽ **غيبتون** ڪندا آهن، انهن جي اِصلاح جي خاطر استادن جي **غيبتن جا** 22 **مثال حاضر آهن:** ۞ اَڄ اُستادصاحب جو مُودِ آف آهي، لڳي ٿو تہ گهران وڙهي آيو آهي ۞ اهو فلاڻي مَدرَسي (يا اسڪول) ۾ پڙهائيندو هو، اتي پَگهار گهٽ هئي، گهڻي پگهار جي لاءِ اسان جي مَدرَسي (يا اسڪول) ۾ آيو آهي ۞ توبہ توبہ! اسان جو اُستَاد (يا قاري صاحب) وڏين ڇوڪرين کي ٽيوشن پڙهائڻ انهن جي گهر ويندو آهي ۞ **استاد صاحب** مون غريب کي گهٽ، پر فلاڻي مالدار جي پٽ تي وڌيڪ ڌيان ٿو ڏئي ۞ اسان جو استاد صاحب جڏهن ڏسو مون کي ذليل ڪندو رهندو آهي ۞ شاگردن تي هرويرو سختي ٿو ڪري۞ **پڙهائڻ** نہ ٿو اچيس، استاد ٿيو وينو آهي ۞ ڏٺئي! اڄ اُستَاد صَاحِب منهنجي سُوال تي ڪيئن ڦاٿو؟ ۞ **استاد صاحب** ڪان ڪتاب جي حاشيي جي مُتَعَلِّق ڪوبہ سوال پُڇ تہ لَنوائي ٿو وڃي۞ استاد صاحب هن سوال جو جواب غلط ڏنو آهي، اڄ مان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

توڪي ڪتاب ٿو ڏيکاريان ۞ استاد صاحب کي پاڻ ڪابه عبارت پڙهڻ نه ٿي اچي، ان ڪري اسان ڪان ٿو پڙهائي ۞ استاد صاحب کي نه چڱيءَ طرح تَرجَمو ڪرڻ به نه ٿو اچي ۞ استاد صاحب، سبق کي هروڀرو ڊگهو ڪري ٿو ڇڏي ۞ فلاڻي استاد ڪان نه مان مجبوري جي ڪري پڙهان ٿو، منهنجو وس هلي ته ان ڪان پيرڊ (يا سبق) وٺي ڪنهن ٻئي کي ڏيان، يا ان کي مدرسي مان ئي ڪڍي ڇڏيان ۞ فلاڻو استاد ته باباءِ اُردو شُروحات يعني اُردو شَرح، گائيڊ وغيره جو پڙهندڙ آهي، اُردو شرح مان تياري ڪري ٿو اچي، ان ڪري جيستائين اُردو شرح نه پڙهي ته سبق به نه ٿو پڙهائي ۞ اڄ استاد صاحب سبق تيار ڪري نه آيو هو، ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ وقت ختم ڪري ڇڏيائين ۞ جڏهن اهو زيرِ تعليم هو ته پڙهائي ۾ ايترو ته ڪمزور هو جو روزانو پنهنجي استاد ڪان دڙڪا کائيندو هو۞ مان حَيران آهيان ته فلاڻي شاگرد جي پوزيشن ڪيئن اچي وئي؟ ضرور استاد صاحب ان کي پيپَر جا سوال ٻڌايا هوندا ۞ فلاڻي استاد (يا قاري صاحب) جو مَدَني ذهن ناهي، ان ڪڏهن به درجي (ڪلاس) ۾ مدني ڪمن جي باري ۾ هڪ لفظ به نه چيو آهي ۞ فلاڻا فلاڻا استاد پاڻ ۾ نهن نه ٿا، جڏهن ڏسو هڪ ٻئي جي خلاف ڳالهائيندا ٿا رهن ۞ اسان جو اُستاد (يا قاري صاحب) اڄڪلهه فلاڻي اَمَرد (سهڻي ڇوڪري) ۾ ڏاڍي دلچسپي ٿو وٺي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

# ديوار جي ٿُڪ

حضرت سيِّدُنا فخرالدين رازي علیہ رحمۃ اللہ الھادي فرمائن ٿا: امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم پنهنجي هڪ قرضدار مَجُوسي (يعني باهہ جي پوڄاري) وٽ قرض وصول ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٺي وياءِ اتفاق سان ان جي گهر جي ويجهو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي نَعل پاڪ (يعني جتي مبارڪ) ۾ گپ لڳي وئي گپ صاف ڪرڻ لاءِ جتي مبارڪ کي ڇنڊيائين تہ ڪجھ گپ اُڏري ڪري مجوسي جي ديوار کي لڳي وئي، پريشان ٿي پيا تہ هاڻي ڇا ڪيان! گپ صاف ڪيان ٿو تہ ديوار جي مٽي بہ ان سان گڏ ڪرندي ۽ صاف نٿو ڪيان تہ ديوار خراب لڳي رهي آهي، انهي پريشاني وچان دروازو کڙڪايو، مجوسي جڏهن ٻاهر نڪري امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم کي ڏٺو تہ قرض جي ادائگي ۾ بهانا شروع ڪري ڏنا، امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم قرض جو مطالبو ڪرڻ جي بجاءِ ديوار تي گپ لڳڻ جو ٻڌائي نهايت عاجزي سان معافي گهرندي هي ارشاد فرمايو: مون کي اهو ٻڌايو اوهان جي ديوار ڪهڙي طرح صاف ڪيان؟ امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي حُقوقُ العِباد جي معاملي ۾ ايڏي بيقراري ۽ خوفِ خدا ڏسي مَجوسي بيحد مُتاثر ٿيو ۽ چيائين: اي مسلمانن جا امام! ديوار تي لڳل گپ بعد ۾ بہ صاف ٿي ويندي پهرين منهنجي دل جي گپ صاف ڪري مون کي مسلمان ڪيو، لهٰذا ان مجوسي امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي تقويٰ ڏسي اسلام قبول ڪري ورتو. (تفسير ڪبير ج 1 ص 204 بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

گُنہ کی دلدل میں پھنس گیا ہوں، گلے گلے تک میں دھنس گیا ہوں
نکالئے بہرِ نُوح و آدم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پوسٽر لڳائڻ جو مسئلو

امامِ اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان، اسان جا امام اعظم علیہ رحمۃُ اللہِ الاکرم ماڻهن جي حقن جي معاملي ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ ڪان ڪيترا تہ ڊڄندا هئا، انهي حڪايت مان انهن ماڻهن کي درس حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي ماڻهن جي ديوارن ۽ ڏاڪڻ جي ڪنڊن وغيره کي پان جي ٿُڪن سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح بنا اجازت جي ڪنهن جي گهرن ۽ دڪانن جي ديوارن ۽ دروازن ۽ پڻ سائن بوردن، بسن وغيره جي ٻاهر يا اندر اسٽيڪرز ۽ پوسٽر لڳائڻ وارا، ديوارن جي مالڪ جي اجازت ڪان بغير چاڪنگ ڪرڻ وارا بہ درس حاصل ڪن، ائين ڪرڻ سان ماڻهن جا حق ضايع ٿين ٿا بيشڪ حُقوقُ اللہ ئي عظيم تر آهن پر توبہ جي تعلق سان حُقوقُ العِباد جو معاملو حُقوقُ اللہ ڪان وڌيڪ آهي، دنيا ۾ جنهن جو حق ضايع ڪيو هجي جيڪڏهن ان سان معافي تلافي جي ترڪيب دنيا ۾ نہ ٿي تہ قيامت جي ڏينهن ان حق واري کي نيڪيون ڏيڻيون پونديون. جيڪڏهن انهي طرح بہ حق ادا نہ ٿيو تہ ان جا گناهہ پنهنجي ذمي ڪڻڻا

پوندا. مثلاً جنهن بلا عُذر شرعي ڪنهن کي ڇڙٻ ڏني هوندي، ڪاوڙ ۾ ڏسي ڪنهن کي ڊيڄاريو هوندو، دل ڏڪايو هوندو، ڪنهن کي ماريو هوندو، ڪنهن جا پيسا دٻايا هوندا، ٽُڪ، پوسٽر يا چاڪنگ وغيره جي ذريعي ڪنهن جي ديوار خراب ڪئي هوندي، ڪنهن جي دڪان يا گهر جي سامهون جڳهه گهيري ان جي لاءِ ناحق پريشاني جو سبب بڻيا هوندؤ، ڪنهن جي جڳهه جي ويجهو پنهنجي غير واجبي جڳهه زبردستي بڻائي ان جي روشني ۽ هوا ۾ رنڊڪ وڌي هوندي، ڪنهن جي اسڪوٽر يا ڪار وغيره کي پنهنجي گاڏي سان ڊينٽ وڌي يا رهڙ لڳائي وني ڀڳا هوندؤ، يا ڀڄي نه سگهڻ جي صورت ۾ پنهنجو قُصور هجڻ باوجود پنهنجي چرب زباني يا رُعب سبب سامهون واري کي مُجرم باور ڪرائي ان جي حق تلفي ڪئي هوندي. قرباني واري عيد جي موقعي تي گهر جي مالڪ جي اجازت کان سواءِ ان جي گهر جي سامهون جانور ٻڌي يا ذبح ڪري ان جي گهر يا ديوار کان ٻاهر نڪرڻ جو رستو، ڇيڻي، رت، گپ وغيره سان خراب ڪري ان جي لاءِ تڪليف جو سبب ٿيا هوندؤ، ڪنهن جي دڪان يا گهر جي آس پاس يا ان جي ڇت يا پلاٽ تي ايذاء ڏيندڙ گند ڪچرو اڇليو هوندو، الغرض ماڻهن جا حق ضايع ڪندڙ ڀلي نمازون، حج، عمرا، خيراتون، ۽ وڏيون وڏيون نيڪيون ڪٽي اچي، پر قيامت جي ڏينهن ان جون عبادتون اهي ماڻهو ڪٽي ويندا جنهن کي هن ناحق نقصان پهچايو هوندو،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

يا بلا اجازت شرعي ڪنهن بہ طرح ان جي دل آزاري جو سبب بڻيو هوندو، نيڪيون ڏيڻ جي باوجود حق باقي رهڻ جي صورت ۾ انهن جا گناهہ هن ”نيڪ نمازي“ جي ذمي لڳايا ويندا ۽ ائين ٻين جي حق تلفي ڪرڻ جي سبب حاجي، نمازي، روزيدار، تهجد گزار هجڻ جي باوجود اهو جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو، وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ تعاليٰ (الله تعاليٰ جي پناهہ) ها الله عَزَّوَجَلَّ جنهن لاءِ چاهيندو صرف پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ ۾ صلح ڪرائيندو. وڌيڪ تفصيل لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”ظلم کا انجام“ ملاحظہ فرمايو، حُقوقُ العِباد جي متعلق هڪ ٻي عبرت انگيز حڪايت پڙهو ۽ خدا جي خوف کان ڏڪو:

## قيامت جو خوف ڏيارڻ تي بي هوش ٿي ويا

سيِّدُنا مِسعَر بِن ڪِدام عليہ رحمةُ السّلام کان روايت آهي: هڪ ڏينهن اسان امامِ اعظم عليہ رحمةُ اللهِ الاَڪرم سان گڏ ڪنهن جڳهہ تان گذرياسين تہ ٻي خيالي ۾ امام اعظم عليہ رحمةُ اللهِ الاَڪرم جو پير مبارڪ هڪ ٻار جي پير تي پئجي ويو، ٻار جي رڙ نڪري پئي ۽ ان جي واتان نڪتو: يَا شَيْخُ اَلَا تَخَافُ الْقِصَاصَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ“ يعني سائين اوهان قيامت جي ڏينهن ٿيندڙ انتقامِ خداوندي کان نٿا ڏڪو؟ اهو ٻڌندي امام اعظم عليہ رحمةُ اللهِ الاَڪرم ڏڪڻ شروع ڪيو ۽ غش کائي زمين تي ڪري پيا، جڏهن ڪجهہ دير ڪانپوءِ هوش آيو تہ مون عرض ڪيو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ٻار جي ڳالهه تي اوهان ايترو ڇو گهٻرايو؟ فرمايائون: ”ڪهڙي خبر اهو آواز غيبي هدايت هجي“. (المناقب للموفق ج 2 ص 148)

شہا عدو کا ستم ہے پیہم ،مدد کو آؤ امامِ اعظم
سوا تمہارے ہے کون ہمدم ،امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻين کي ايذاء ڏيڻ وارا خبردار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي تصور به نٿو ڪري سگهجي امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم جاڻي واڻي ڪنهن تي ظلم ڪن ۽ ان جو پير چيپاڻي ڇڏن، بي خيالي ۾ ٿيندڙ فعل تي پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه خوف خداعزوجل جي ڪري بيهوش ٿي ويا، ۽ هڪ اسان آهيون جو جاڻي واڻي خبر ناهي ڪيترن کي روزانو ايذاء ڏيون ٿا پر افسوس اسان کي هن ڳالهه جو احساس به ناهي ٿيندو ته اللهعزوجل قيامت جي ڏينهن اسان کان انتقام ورتو ته اسان جو ڇا ٿيندو!

## فضول ڳالهين کان نفرت

هڪ ڀيري هارون رشيد حضرت سيِّدُنا امام ابو يوسف رضي الله تعالىٰ عنه کي عرض ڪيو حضرت سيِّدُنا امام ابوحنيفه رضي الله تعالىٰ عنه جون خوبيون بيان ڪيو، فرمايائون: امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم نهايت پرهيز گار هئا، ممنوعاتِ شرعي کان بچندا هئا، دنيادارن کان بچندا هئا، فضول ڳالهين کان بچندا هئا، اڪثر چُپ رهي (دين ۽ آخرت جي باري ۾) سوچيندا هئا، جڏهن ڪو مَسَئلو پڇا ڪندو

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

هو معلوم هجڻ تي جواب ڏيندا ڏيندا هئا نه ته چُپ رهندا هئا، هر نموني پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت فرمائيندا هئا، هر ڪنهن (مسلمان) جو ڀلائي سان ذڪر ڪندا هئا (يعني ڪنهن جي عيب جوئي يا غيبت نه ڪندا هئا)، خليفي هارون رشيد اهو ٻُڌي چوڻ لڳو صَالِحِين (يعني نيڪ ٻانهن) جا اخلاق اهڙا ئي هوندا آهن. (الخيرات الحسان ص 82)

## امام اعظم گفتگو ڪرڻ ۾ شروعات ڪرڻ کان بچندا هئا

حضرت سيِّدُنا فَضَل بن دُڪَين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم ڏاڍا رُعب دار هئا، (ڳالهائڻ ۾ شروعات نه ڪندا هئا بلڪ) جڏهن ٻه گفتگو فرمائيندا هئا ته جواب لاءِ فرمائيندا ۽ بيڪار ڳالهيون نه ٻڌندا هئا، نه اهڙين ڳالهين تي توجُّهه فرمائيندا هئا. (الخيرات الحسان ص 55)

## گفتگو ۾ شروعات ڪرڻ جا نقصان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** امامِ اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم جي گفتگو ۾ شروعات نه ڪرڻ جي حِڪمت مرحبا! واقعي جيڪڏهن هن "حڪمتن ڀري مدني گل" تي عمل ڪجي ته ڪيترن ئي نقصانن کان بچي سگهجي ٿو، جو ته اڪثر ائين ٿيندو آهي جو ماڻهو ڪا غير ضروري گفتگو ڪندو آهي يا فالتو ڳالهه ڪندو آهي پوءِ ٻيلي پاڻ ماٺ تي وجي پر ان جي ڇيڙيل ڳالهه تي تبصرو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰله وسلّم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

جاري رهندو آهي، ايستائين جو انهي گفتگو جو فضول سلسلو هلندي هلندي گناهن جي وادي ڏانهن ڪٽي ويندو آهي! نہ انسان ڳالهائي نہ ايترا مسئلا ٿين .

فُضول گوئی کی نکلے عادت ، ہو دُور بے جا ہنسی کی خصلت
دُرُود پڑھتا رہوں میں ہر دم ، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني انعام ڪنهن جي لاءِ ڪيترا ؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن پُر فِتَن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقي تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو "**مدني انعامات**" سوالن جي صورت ۾ مُرتب ڪيو ويو آهي. اسلامي ڀائرن لاءِ 72، اسلامي ڀينرن لاءِ 63، ديني طالب علم لاءِ 92، ديني طالبات لاءِ83، ۽ مدني مُنن لاءِ 40، جڏهن تہ خصوصي اسلامي ڀائرن (يعني گونگن ٻوڙن) لاءِ 27 مدني انعام آهن، بيشمار اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد مدني انعام مطابق عمل ڪري روزانو سمهڻ کان پهرين "**فڪر مدينہ ڪندي**" يعني پنهنجي عمل جو جائزو وٺي مدني انعامات جي جيبي سائز جي رسالي ۾ ڏنل خانا پُر ڪندا آهن، انهن مدني انعامن تي اِخلاص سان عمل ڪرڻ کان پوءِ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي راهه ۾ حائِل رڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان اڪثر پري ٿي وينديون آهن، ۽ هن جي برڪت سان اَلحَمدُلِلهِ پابند سنت بڻجڻ،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

گناهن سان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن بڻجي ٿو. سيني کي گهرجي باڪردار مسلمان بڻجڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ مان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريو ۽ روزانو فڪر مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪري انهي ۾ ڏنل خانا پُر ڪريو ۽ هجري سِن جي مطابق هر مدني مهيني يعني اسلامي مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن ۾ پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جي عادت بڻايو.

ولی اپنا بنا تو اُس کو ربِّ لَم یَزَل
مَدَنی اِنعامات پر کرتا رہے جو بھی عمل

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني انعامن تي عمل ڪندڙن لاءِ خوشخبري

مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ وارا ڪيترا نہ خوشنصيب هوند آهن. انهي جو اندازو هن مدني بهار مان لڳايو، حيدرآباد (باب الاسلام سندھ) جي هڪ اسلامي ڀاء جو حَلفِيہ (يعني قَسميہ) بيان آهي: رَجَبُ الْمُرَجَّب 1426 ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي، مبارڪ چَپ چُريا ۽ رحمت جا گُل ٽِڙڻ لڳا ۽ الفاظ ڪجھ ائين هئا: **جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامن بابت فڪر مدينہ ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.**

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

## دشمن جي لاءِ دعا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جي امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي کو ڪيتري بہ بُرائي ڪندو هو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ان جي خير خواهي فرمائيندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن حاسِد امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم کي سخت برو ڀَلو ڳالهايو، خراب گاريون بہ ڏنيون ۽ گمراهہ بلڪ مَعاذَالله عزوجل زِنديق (يعني بي دين) بہ چيو، امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جواب ۾ فرمايو: ”الله عزوجل توهان کي معاف فرمائي، الله عزوجل ڄاڻي ٿو توهان منهنجي باري ۾ جيڪو چئي رهيا آهيو مان اهڙو نہ آهيان.“ ايترو فرمائڻ کان پوءِ سندن رضی اللہ تعالٰی عنہ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ فرمائڻ لڳا: ”آءُ الله عزوجل کان اميد رکان ٿو اهو مون کي معاف فرمائيندو، هاءِ! مون کي عذاب جو خوف روئاري ٿو“ عذاب جو تصور ايندي ئي روئڻ وڏي ويو ۽ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا، جڏهن هوش آيو تہ دعا گهري: ”يا الله عزوجل جنهن منهنجي برائي ڪئي ان کي معاف فرماءِ.“ اهو شخص سندن جو هي اخلاق ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ معافي گهرڻ لڳو، فرمايائون: جنهن علم نہ هجڻ سبب منهنجي باري ۾ جيڪو ڪجهہ چيو ان کي اهو معاف آهي، ها جيڪو علم وارو هجڻ جي باوجود ڄاڻي واڻي مون ڏانهن غلط عيب مَنسُوب ڪري اهو قصور وارو آهي ڇوتہ علماء جي غيبت ڪرڻ ان کان پوءِ بہ باقي آهي. (الخيرات الحسان ص 55)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

نہ جیتے جی آئے کوئی آفت ، میں قبر میں بھی رہوں سلامت
بروزِ محشر بھی رکھنا بے غم ، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چماٽ هڻڻ واري تي انوکو انعام

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي مخالف تي امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم جي فضل و ڪرم جو هڪ ٻيو نرالو واقعو ٻڌو ۽ جهومو ۽ پنهنجي ذاتي دشمن تي ڪيتري بہ ڪاوڙ اچي دَرگُذر جي عادت ناهي عملي طور امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم جي محبت جو ثبوت ڏيو. هڪ ڀيري ڪنهن حاسد ڪروڙين مسلمانن جي بي تاج بادشاهہ، امام ۽ پيشوا سيِّدُنا امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم کي زوردار چماٽ هنئي، انهي تي صبر ۽ تَحمُّل جي پيڪر امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاَکرم وڏي عاجزي سان فرمايو: "ياء! مان بہ تو کي چماٽ هڻي سگهان ٿو پر نہ هڻندس، عدالت ۾ اوهان جي خلاف دعويٰ داخل ڪري سگهان ٿو پر نہ ڪندس، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ اوهان جي ظلم جي فرياد ڪري سگهان ٿو پر نہ ڪندس، ۽ قيامت جي ڏينهن انهي ظلم جو بدلو وٺي سگهان ٿو پر اهو بہ نہ ڪندس، جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مون تي خصوصي ڪرم فرمايو ۽ منهنجي سفارش اوهان جي حق ۾ قبول فرمائي تہ آءُ اوهان جي بغير جنت ۾ قدم نہ رکندس."

ہوئی شہا فردِ جُرم عائد ، بچا پھنسا ورنہ اب مُقلِّد
فرشتے لے کے چلے جہنّم ، امامِ اعظم ابو حنیفہ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

# معاف ڪرڻ وارا قيامت جي ڏينهن بنا حساب جي جنت ۾ ويندا

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي اسان جا امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم وڏي صبر وارا هئا ۽ اهي صبر جي فضيلتن ڪان باخبر هئا، ڪاش! اسان به پنهنجي مٿان ظلم ڪرڻ وارن تي ڪاوڙ ۾ اچي وڙهڻ بجاءِ انهن کي معاف ڪري ثواب جو خزانو حاصل ڪيون دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 515 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**غيبت جون تباهه ڪاريون**" صفحي 479 تي ڏنل به فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ جهومو: ﴿1﴾ "جنهن کي اهو پسند هجي ته ان جي لاءِ (جنّت ۾) مَحل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجا بُلند ڪيا وڃن، ته ان کي گهرجي جيڪو ان تي ظُلم ڪري، اهو ان کي مُعاف ڪري، ۽ جيڪو ان کي مَحرُوم ڪري ته اهو ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قَطع تَعلُّق ڪري ته اهو ان سان رِشتو جوڙي." (اَلمُستَدرڪ للحاڪم ج 3 ص 12 حديث 3215 دارالمعرفة بيروت) ﴿2﴾ قِيامت جي ڏينهن اِعلان ڪيو ويندو ته جنهن جو اَجر **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم جي ذِمي آهي، اهو اُٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي، پڇيو ويندو ڪنهن جي لاءِ اَجَر آهي؟ اهو مُنادِي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) چوندو "انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي مُعَاف ڪرڻ وارا آهن." ته هزارين ماڻهو اُٿندا ۽ بِنا حِساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندا. (اَلمُعجَم الاَوسَط لِلطبَراني ج1 ص 542 حديث 1998) هن موضوع تي مڪتبة المدينه جو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

شايع ٿيل رسالو ”**عفو در گذر جي فضيلت**“ پڙهڻ لائق آهي اهو رسالو فيضان سنت جلد 2 جي باب ”**غيبت جون تباهه ڪاريون**“ صفحي 471 تي موجود آهي، دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي پڙهي سگهو ٿا ۽ ”**پرنٽ آوٽ**“ ڪري سگهو ٿا .

## زماني ۾ سڀني کان وڌيڪ عقلمند

اسان جي امام اعظم علیہ رحمۃ اللہِ الاکرم وٽ علمِ دين جو وڏو ذخيرو هو ۽ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ تمام گهڻا عقلمند هئا، ”اَلخَيرات الحِسان“ ۾ آهي حضرت سيِّدُنا امام شافعي رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: ”امام اعظم ابوحنيفہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان وڌيڪ عقلمند ڪنهن ماءُ ڄڻيو ئي ناهي.“ سيِّدُنا بکر بن جَيش رحمۃ اللہِ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن امام اعظم ابوحنيفہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ۽ سندن جي زماني وارن جا عقل جمع ڪيا وڃن تہ امام اعظم ابوحنيفہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو عقل سڀني تي غالب ايندو.“ (الخيرات الحسان ص 62) اوهان جي عقلِ سليم ۽ انداز تَفْهِيم (يعني سمجهائڻ جي بي مثال انداز) جي هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ جهومو:

## عثمان غني جي گستاخ تي انفرادي ڪوشش

ڪوفي ۾ هڪ شخص اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عثمان غني، ذُوالنُّورَين، جامعُ القران رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي شانِ شرافت نشان ۾ بڪواس ڪندو هو ۽ مَعَاذَاللہ عزوجل پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي يهودي چوندو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

هو، هڪ ڀيري سيِّدُنا امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاکرم ان وٽ تشريف وٺي آيا ۽ ان تي انفرادي ڪوشش جي ذريعيحڪمت ڀريا مدني گل لٽائيندي فرمايو: مان توهان وٽ توهان جي ڌيءُ لاءِ رشتو آندو آهي، ڇوڪرو اهڙو آهي جو ان تي هر وقت خوفِ خداعزوجل جو غلبو رهندو آهي. نهايت مُتَّقِي ۽ پرهيزگار آهي ۽ سڄي سڄي رات عبادت ۾ گذاري ٿو، ڇوڪري جون اهي خوبيون ٻڌي انهي شخص چيو: تمام سنو! اهڙو ناٺي ته اسان جي سموري خاندان لاءِ باعثِ سعادت آهي، امام اعظم عليه رحمةُ اللهِ الاکرم فرمايو: هن ۾ هڪ عيب آهي ۽ اهو هي جو هو يهودي مذهب جو آهي. اهو ٻُڌي اهو شخص ڪاوڙ ڪندي ڏاڍيان ڇوڻ لڳو: ڇا مان پنهنجي ڌيءَ جي شادي اهڙي شخص سان ڪندس؟ سيِّدُنا امام اعظمعليه رحمةُ اللهِ الاکرم تمام گهڻي نرمي سان فرمايائون: "ياء! تون پنهنجي ڌيءَ يهودي کي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهين ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو الله عزوجل جا محبوبصلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم هڪ کان پوءِ ٻي شهزادي ڪنهن يهودي جي نڪاح ۾ ڏين!" اهو ٻڌي اهو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ حضرت سيِّدُنا عثمان غني ذُوالنُّورَين، جامعِ القران رضي الله تعالیٰ عنه جي مخالفت کان توبه ڪيائين.

(المناقب للكردري ج 1 ص 161)

نور کی سرکار سے پایا دو شالہ نور کا
ہو مبارک تم کو ذُوالنُّورین جوڑا نور کا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## جان وڃي پر حڪومتي عهدو قبول نه ڪيائون

عباسي خليفي منصور امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم کي عرض ڪيو توهان منهنجي حڪومت ۾ قاضِيُّ القُضاة (يعني چيف جج) بڻجي وڃو، فرمايائون: مان انهي عهدي جي قابل نه آهيان، منصور چيو: اوهان ڪوڙ ڳالهايو ٿا، فرمايائون: جيڪڏهن مان ڪوڙ ڳالهايان ٿو ته توهان پاڻ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو! ڪوڙو ماڻهو قاضي بڻجڻ جي لائق ناهي. خليفي منصور انهي کي پنهنجي توهين سمجهندي پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه کي جيل ۾ موڪلي ڇڏيو. روزانو سندن رضي الله تعالىٰ عنه جي مٿي مبارڪ تي ڏهه ڪوڙا هنيا ويندا هئا جنهن سبب رت وهي پيڏين تائين ايندو هو، ائين مجبور ڪندا رهيا ته قاضي بڻجڻ تي راضي ٿي وڃن، پر پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه حڪومتي عهدو قبول ڪرڻ لاءِ راضي نه ٿيا، ائين پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه کي هر ڏينهن ڏهه ڪوڙن جي حساب سان هڪ سؤ ڏهه ڪوڙا هنيا ويا، ماڻهن جون همدرديون امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم سان گڏ هيون، آخرڪار دوکي سان زهر جو پيالو پيش ڪيو ويو، پر سندن کي ايماني فراست سان زهر هجڻ جي خبر پئجي وئي ۽ پيئڻ کان انڪار ڪيو، پوءِ زوري پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه کي ليٽائي نڙي ۾ زهر وڌو ويو، زهر جڏهن پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو ته پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه بارگاهِ خداوندي ۾ سجده ريز ٿي ويا ۽ سجدي جي حالت ۾ 150 هجري ۾ شهادت جي مقام تي فائز ٿيا. (الخيرات الحسان ص 88، 92) انهي وقت پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه جي عمر

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

شريف 80 سال هئي بغدادِ مُعليٰ ۾ سندن رضي الله تعالىٰ عنه جو مزار اڄ بہ توجهہ جو مرڪز آهي .

پھر آقا بغداد میں بلا کر' وہ روضہ دِکھلائے جہاں پر
ہیں نور کی بارِشیں چھما چھم 'امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مزار امام اعظم جون برڪتون

مفتيءِ حجاز شيخ شھابُ الدين احمد بن حَجر هَيتَمي مڪي شافعي عليه رحمة القوي پنهنجي مشهور ڪتاب "الخيراتُ الحِسان في مَناقِبِ النُعمان" جي باب نمبر 35 جنهن جو عنوان آهي "سندس جي قبر شريف جي زيارت حاجتون پوريون ٿيڻ لاءِ فائديمند آهي" ۾ فرمائن ٿا تہ: ڄاڻڻ گهرجي علماء ۽ ٻيا حاجت مند ماڻهو سندن رضي الله تعالىٰ عنه جي مزار جو مسلسل زيارتون ڪندا رهندا آهن ۽ پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه وٽ حاضر ٿي پنهنجي حاجتن ۾ سندن کي وسيلو بڻائيندا آهن ۽ انهي ۾ ڪاميابي ماڻيندا آهن، انهن مان حضرت امام شافعي رضي الله تعالىٰ عنه بہ آهن، جڏهن پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه بغداد ۾ هئا تہ سندن رضي الله تعالىٰ عنه جي مُتَعلق مَروِي آهي پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو: آءُ امام اعظم ابوحنيفہ رضي الله تعالىٰ عنه کان برڪت حاصل ڪندو آهيان ۽ جڏهن بہ ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ بہ رڪعتون پڙهي انهن جي قبر مبارڪ وٽ حاضر ٿي پوءِ الله عزوجل کان دعا ڪندو آهيان تہ اها حاجت پوري ٿي ويندي آهي.

(الخيرات الحسان ص 94)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

الله ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجَاہِ النَّبِي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جگر بھی زخمی ہے دل بھی گھائل، ہزار فکریں ہیں سو مسائل
دُکھوں کا عطّار کو دو مرہم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ مدني چينل جاري رهندو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت بهتر بڻائڻ لاءِ مدني مرڪز جا عطا ڪيل مدني انعامات جي مطابق عمل ڪندي روزانو **فڪرِ مدينه** (يعني پنهنجي محاسبي) جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پُر ڪري ۽ هر مدني مهيني جي ڏهين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرايو. توهان جي شوق ۽ حرص لاءِ هڪ عظيم الشان مدني بهار بيان ڪئي وڃي ٿي. ميرپور نمبر 11 (**ڍاڪ، بنگلاديش**) جي هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي "**مدني ماحول**" تحت ٿيندڙ **مدني تربيتي ڪورس** جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪرڻ لاءِ هڪ علائقي ۾ ويس، هڪ اسلامي ڀاءُ کي جيئن ئي مون مدني تربيتي ڪورس جي دعوت ڏني ته اهو هڪدم چوڻ لڳو: منهنجي ڇهري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

تي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني يعني ڏاڙهي شريف جيڪا اوهان ڏسي رهيا آهيو، اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اها دعوت اسلامي جي "**مدني چينل**" جو فيضان آهي. مدني چينل تي هڪ رقت انگيز سنتن ڀريو بيان ٻڌي ڪري نماز جو پابند ٿيس ۽ ڏاڙهي سجائي، ۽ مون قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰي اِحسَانِهٖ

مَدَنی چَینل سنّتوں کی لائیگا گھر گھر بہار
مَدَنی چَینل سے ہمیں کیوں والہانہ ہو نہ پیار

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني چينل جي ذريعي ضروري علم حاصل ڪيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سُبحٰنَ اللهِ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جو "**مدني چينل**" دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنتن جي ڌوم مچائي آهي مدني چينل جي ذريعي نيڪيون وڌائڻ، جنت ڏيارڻ، گناهه مٽائڻ ۽ جهنم کان بچائڻ وارا ضروري علم سکڻ لاءِ ملندا آهن. ضروري علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي حضرت سيِّدُنا امام بُرهانُ الدّين ابراهيم زَرنُوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اَفْضَلُ الْعِلْمِ عِلْمُ الْحَالِ و اَفْضَلُ الْعَمَلِ حِفْظُ الْحَالِ يعني "**افضل ترين علم اهو آهي جو جيڪي معامله ان وقت هجن ان جي ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي ۽ افضل ترين عمل پنهنجي حال** (يعني ڪيفيت، حال احوال) **جي حفاظت ڪرڻ آهي**". هڪ مسلمان تي اهي علم سکڻ ضروري آهن جنهن جي

ضرورت ان کي پوندي رهندي آهي، پوءِ پلي اهو ڪنهن بہ شعبي بابت هجي. (راهِ علم ص 17) گهر ۾ ويهي سنتن ۽ روزمره جي ضرورت جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان بہ **مدني چينل** ڏسو ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو .

مَدَنی چینل میں نبی کی سنّتوں کی دھوم ہے
اس لئے شیطاں لعیں رنجور ہے مغموم ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاةالمصابيح ج1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”شان امام اعظم ابو حنيفہ“ جي اٺويهہ اکرن جي نسبت سان تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا 19 مدني گل

﴿1﴾ حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪندا هئا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو رکندا هئا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر رهندو هو. (الشمائل المحمدية للترمذي ص 40) خبر پئي "سَر بَند" جو استعمال سنّت آهي، اسلامي ڀائرن کي گهرجي جڏهن به مٿي تي تيل لڳائن، هڪ ننڍو ڪپڙو مٿي تي ٻڌي ڇڏن. ائين اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٽوپي ۽ عمامو تيل کان محفوظ رهندا. اَلحمدلله سگِ مدينہ عُفِيَ عَنہ جو سالن کان "سر بند" ٻڌڻ جو معمول آهي. ﴿2﴾ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو ان جو اِحترام ڪري. (سنن ابي داؤد ج 4 ص103حديث 4163) يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ڪنگهي ڪري. (اشعةاللمعات ج3 ص617) ﴿3﴾ حضرت سيِّدُنا نافِع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: حضرت سيِّدُنا ابن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا تيل لڳائيندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 6 ص 117 ) وارن ۾ تيل جو گهڻو استعمال خاص ڪري علم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان مٿي تي خشڪي ناهي ٿيندي دماغ تَر ۽ حافظو قوي ٿيندو آهي ﴿4﴾ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن اوهان مان ڪو مٿي تي تيل لڳائي ته ڀرون کان شروع ڪري، ائين ڪرڻ سان مٿي جو سور ختم ٿئي ٿو (الجامع الصغير للسيوطي ص 28 حديث 369) ﴿5﴾ "ڪَنزُالعُمّال" ۾ آهي پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا ته پهرين پنهنجي کابي تري تي تيل وجهندا هئا، پوءِ ٻنهي ڀرون تي ٻنهي اکين تي ۽ پوءِ مٿي مبارڪ تي لڳائيندا هئا.(ڪنزالعمال ج 7 ص 46 رقم18295) ﴿6﴾"طَبَراني"

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

جي روايت ۾ آهي سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڏاڙهي مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا تہ ”عَنفَقَہ“(يعني چپ ۽ ٺاڙي جي وچ واري وارن) کان ابتدا ڪندا هئا. (المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 366 حديث 7629) ﴿7﴾ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪرڻ سنت آهي.(اشعةاللمعات ج 3 ص 616) ﴿8﴾ بغير بِسمِ الله پڙهڻ جي تيل لڳائڻ ۽ وارن کي خشڪ ۽ وکريل رکڻ خلافِ سنت آهي ﴿9﴾ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسمِ الله پڙهي تيل لڳايو تہ 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن. (عمل اليوم والليلة لابن السني ج 1 ص 327 حديث 173) ﴿10﴾ حُجةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا، حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مومن جي شيطان ۽ ڪافر جي شيطان ۾ ملاقات ٿي، ڪافر جو شيطان ٿلهو متارو ۽ سٺي لباس ۾ هو، جڏهن تہ مومن جو شيطان سُڪل هو ۽ وار وِکريل هئا ۽ اگهاڙو هو، ڪافر جي شيطان مومن جي شيطان کان پڇا ڪئي: آخر تون ايترو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو مان هڪ اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو کائڻ پيئڻ وقت بسم الله شريف پڙهندو آهي تہ مان بکايل رهجي ويندو آهيان جڏهن تيل لڳائيندو آهي تہ بسم الله پڙهندو آهي تہ منهنجا وار وِکريل رهجي ويندا آهن ان تي ڪافر جي شيطان چيو مان اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو انهن ڪمن مان ڪو بہ ڪم نٿو ڪري تنهنڪري

مان ان سان ڪاڻ پيڻ، لباس ۽ تيل لڳائڻ ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان. (احياءُ العلوم ج 3 ص 45) **﴿11﴾ تيل لڳائڻ کان پهرين بسم الله** پڙهي شيشي وغيره سان کاٻي هٿ جي تري ۾ ٿورو تيل وجهو پوءِ پهرين ساڄي اک جي ڀِرُون تي تيل لڳايو پوءِ کاٻي تي، ان کان پوءِ ساڄي اک جي پنبڻن تي پوءِ کاٻي تي، پوءِ مٿي تي تيل لڳايو، ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳايو ته چپ ۽ ڄاڙي جي وچ وارن وارن کان شروع ڪيو **﴿12﴾** سَرنهن جو تيل لڳائڻ وارو جڏهن ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڌپ ايندي آهي جنهن کان ٻي سگهي اهو مٿي تي سنو خوشبودار تيل لڳائي، خوشبودار تيل ٺاهڻ جو آسان طريقو اهو به آهي ته ڪوپري جي تيل ۾ پنهنجي پسند جي عطر جا ڪجهه ڦُڙا وجهي ملايو، خوشبودار تيل تيار آهي، ۽ وارن ۽ ڏاڙهي کي وقت بوقت صابڻ سان ڌوئيندا رهو **﴿13﴾** عورتن کي لازم آهي جو ڪنگهي ڪرڻ يا وار ڌوئڻ ۾ جيڪي وار جدا ٿين انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏن جو انهن تي ڪنهن ڌارئي (يعني اهو شخص جنهن سان هميشه لاءِ نڪاح حرام نه هجي) جي نظر نه پوي (بهار شريعت حصو 16 ص 92) **﴿14﴾ خاتَمُ المُرسلين، رَحمَةٌ للعَالمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو ڦڻيءَ ڪرڻ کان منع فرمايو. (ترمذي ج 3 ص 293 حديث 1762) اها منع مڪروهِ تَنزِيهي آهي ۽ مقصد اهو ته مرد سينگار ۾ مشغول نه رهي. (بهارشريعت حصو 16 ص 235) **امام مناوي** عَليه رحمةُ القوي **فرمائن**

ٿا: جنهن شخص کي وارن جي ڪثرت سبب ضرورت هجي اهو روزانو ڦڻيء ڪري سگهي ٿو. (فيض القدير ج 6 ص 404) ﴿15﴾ بارگاهہ رضويت ۾ ٿيندڙ سوال جواب ملاحظہ فرمايو: **سوال:** ڪنگهو ڏاڙهي ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪيو وڃي؟ **جواب:** ڦڻيء لاءِ شريعت ۾ ڪو خاص وقت مقرر ناهي اِعتِدال (يعني وچٿرائي) جو حڪم آهي، نہ هي تہ ماڻهو جِنن جهڙي شڪل ٺاهي رهي نہ هي جو هر وقت وارن ۾ لڳو رهي ﴿16﴾ ڦڻيء ڪرڻ مهل ساڄي پاسي کان ابتدا ڪيو، اُمُّ المومنين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر ڪم ۾ ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا، ايستائين جو جوتا پائڻ، ڦڻيء ڪرڻ ۽ پاڪائي ڪرڻ ۾ بہ (بخاري ج 1 ص 81 حديث 168) شارح بخاري حضرت علامہ بدرالدين عيني حنفي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: اهي ٽي شيون مثال جي طور فرمايون نہ تہ هر اهو ڪم جيڪو عزت ۽ بزرگي وارو آهي اهو ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ مُستَحب آهي، جيئن مسجد ۾ داخل ٿيڻ، لباس پائڻ، مِسواڪ ڪرڻ، سُرمو پائڻ، ننهن ڪٽڻ، مڇون ڪٽڻ، بغلن جا وار لاهڻ، وضو غسل ڪرڻ ۽ بيت الخلاء مان ٻاهر نڪرڻ وغيره ۽ جنهن ڪم ۾ اها ڳالهہ نہ آهي جيئن مسجد مان ٻاهر نڪرڻ، بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ، نڪ صاف ڪرڻ، ۽ سلوار ۽ ڪپڙا لاهڻ وقت کاٻي طرف

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

ڪان ابتدا ڪرڻ مُستَحب آهي. (عمدةالقاري ج 2 ص 476) **﴿17﴾** جمعي نماز لاءِ تيل ۽ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي (بهارشريعت ج1 ص774) **﴿18﴾** روزي جي حالت ۾ ڏاڙهي، مڇن کي تيل لڳائڻ مڪروهه نہ آهي پر ان لاءِ تيل لڳايو جو ڏاڙهي وڌي وڃي، جڏهن تہ هڪ مُٺ ڏاڙهي آهي تہ بغير روزي جي بہ مڪروهه آهي ۽ روزي ۾ بدرجہ اوليٰ. (ايضاً ص 997) **﴿19﴾** ميّت جي ڏاڙهي يا وارن ۾ ڦڻيء ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي.

(درمختار ج 3 ص 104 دارالمعرفة بيروت)

تیل کی بوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضاؔ
صبحِ عارِض پہ لٹاتے ہیں ستارے گیسو

وڌيڪ سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ”بہارِشریعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتیں اورآداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو،

سنتن جي تربيت جو بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

